

# آدابِ دعا

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو: مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي)



# آدابِ دعا

پيشڪش: مجلسِ المدينة المدينہ (دعوتِ اسلامي)


رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز

فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

# آدابِ دعا ........................................ 1


دُرود شريف جي فضيلت .................................... 1
دعا جو طريقو مصطفٰي ڪريم سيکاريو .................................... 1
دعا جي اهميت ۽ فضيلت .................................... 2
دعا ڪان پهريان سنيون سنيون نِيَّتون .................................... 3
دعا جي آداب کي پيش نظر رکو .................................... 3
دعا ۾ لفظن جو انتخاب .................................... 4
دعا ۾ هٿ کڻڻ جو طريقو .................................... 5
ڪهڙين ڳالهين جي دعا ڪرڻ منع آهي؟ .................................... 6
آزمائش نہ گهرو .................................... 6
الله تعالي کي ڪهڙن نالن سان پڪارڻ منع آهي؟ .................................... 10
اي حاضر! اي ناظر ! نہ چئو .................................... 12
هن طرح جي جملن کان لازمي بچو .................................... 12
تو کي تنهنجي سرڪار جو واسطو! نہ چئو .................................... 13
تون بخشڻ تي اچين تہ مشرڪ بہ بخشجي وڃي! نہ چئو .................................... 14
اي سخي! سخاوت ڪر! نہ چئو .................................... 14
تون اسان کي وساري نہ ڇڏجان!نہ چئو .................................... 15
پنهنجي فارغ وقت ۾ اسان جي دعا ٻڌ! نہ چئو .................................... 15
مون تي تنگدستي وجهي ظلم نہ ڪر! نہ چئو .................................... 15
اي الله ميان! نہ چئو .................................... 16
تلفظ ۽ اعراب جي درستي .................................... 16
دعا ۾ خلاف شرع شعرن کان بچو .................................... 16
سوچي سمجهي گهرو: .................................... 16
دعا ۾ غير محتاط جملن جون 18 مثالون .................................... 17
امير اهلسنت جون دعائون (مختصر ۽ ترميم شده) .................................... 19
صحراءِ مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) جي دعا جي ابتداء .................................... 24
دعاءِشب قدر جي ابتداء .................................... 27
عرفات جي ميدان جي دعا جي ابتداء .................................... 29
اِجتماعِ مِيلاد ۾ گُهريل دُعا جي اِبتداء .................................... 31
يارهين شريف جي اجتماع ۾گهريل دعا جي اِبتداء .................................... 32
مفتيءِ دعوت اسلامي جي نمازِجنازه کان پوءِ جي دعا جي ابتداء .................................... 33
مدني مذاڪري جي اختتام تي گهري ويندڙ دعا .................................... 35
چاليهہ قرآني دعائو .................................... 36


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# آدابِ دعا

شيطان پلي ڪيترِي ئي سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بيماري برداشت ڪرڻ جو جذبو وڌندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرور ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي. "اَلدُّعَاءُ مَحْجُوْبٌ عَنِ اللّٰہِ حَتّٰی یُصَلّٰی عَلٰی مُحَمَّدٍ وَ عَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ" يعني دعا الله پاڪ کان حجاب (پردي) ۾ آهي (يعني قبول ناهي ٿيندي) جيستائين محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي آل تي درود نہ موڪليو وڃي.

(شعب الايمان، ج 2، ص 216، حديث 1576)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعا جو طريقو مصطفٰي ڪريم سيکاريو

حضرت سيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا. هڪ ڀيري رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ اهڙي ماڻهو جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويا جيڪو تمام گهڻو ڪمزور ٿي چڪو هو. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان کي فرمايائون: ڇا تون اللّٰه پاڪ کان دعا ڪندو هئين؟ ان عرض ڪيو جي ها! مان هي دعا ڪندو هئس. اي اللّٰه! جيڪڏهن تون مونکي آخرت ۾ ڪا سزا ڏيڻ وارو آهين تہ اها دنيا ئي ۾ ڏئي ڇڏ. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: سُبْحٰنَ اللّٰـہ! تون ان کي برداشت ڪرڻ جي طاقت نہ ٿو رکين، تو هيئن چو نہ ٿو چوين، اي اسان جا رب اسان کي

دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ، پوءِ آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ دعا ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي شفا عطا ڪري ڇڏي." (مسلم، ص 1108، حديث 6835)

## دعا جي اهميت ۽ فضيلت

منا منا اسلامي ڀائرو! دعا جي اهميت هر مسلمان ڄاڻي ٿو. اسان کي الله پاڪ کان گهرڻ گهرجي، ان جي اهميت جو اندازو بيان ڪيل حديث مان لڳائي سگهجي ٿو. اسان جو خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ ڪيترو تہ ڪريم آهي جو گهرڻ وارن کان خوش ٿيندو ۽ نہ گهرڻ وارن کان ناراض ٿيندو آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ الله ڪريم کان پنهنجون حاجتون ۽ خير گهرندا رهون، الله پاڪ کان خير گهرڻ کي "دعا" چئبو آهي ۽ "دعا" نہ صرف عبادت آهي بلڪ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ" دعا عبادت جو مغز آهي. (ترمذي، ج 5، ص 243، حديث 3382) "اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤمِنِ وَعِمَادُ الدِّيْنِ وَنُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" دعا مومن جو هٿيار آهي، ۽ دين جو ٿنڀو، ۽ آسمان ۽ زمين جو نور آهي. (مستدرڪ، ج 2، ص 162، حديث 1855) دعا اهڙي عبادت آهي جيڪا ان ڳالھ جو احساس ڏياريندي آهي جڏهن ٻانهو الله سان ڳالهائي رهيو هجي. دعا جي ذريعي سان ئي ٻانهو الله پاڪ جي بارگاه ۾ پنهنجون حاجتون ۽ ضرورتون پيش ڪندو آهي، دعا ٻانهي کي پنهنجي رب ڪريم جي بارگاھ ۾ پهچائيندي، ان جي حضور عاجزي ڪرائيندي ۽ ان جي عظمتن جو ڪلمو پڙهائيندي آهي. جنهن کي دعا جي توفيق ڏني وئي ان کي تمام وڏي خير جي توفيق ڏني وئي ۽ ان جي لاءِ ڀلائي جا دروازا کوليا ويا ۽ جنهن جي لاءِ دعا جا دروازا بند ٿي ويا ان جي لاءِ خير ۽ عافيت جا دروازا بند ٿي ويا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعا کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون

دعا ڄڏهن ايتري اهم عبادت آهي تہ پوءِ ان کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون بہ ضرور ڪري وٺڻ گهرجن ڇو تہ بغير نِيَّت جي ڪنهن بہ عملِ خير جو ثواب ناهي ملندو. جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ هونديون اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو، دعا گهرڻ کان پهريان جون ڪجهہ نيتون ملاحظ ڪيو.

❖ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ دعا ڪندس. ❖ دعا ڪري حڪم قرآني اُدۡعُوۡنِیۡۤ اَسۡتَجِبۡ لَکُمۡ ؕ (مون کان دعا ڪيو مان قبول ڪندس) تي عمل ڪندس. ❖ احاديث مبارڪ ۾ بيان ڪيل دعا جا فضائل حاصل ڪندس. ❖ ”بَتَکَلُّفْ مُقَفَّع و مُسَجَّع“ لفظن کان بچندس. ❖ رياڪاري جي روئڻ کان بچندس ❖ دعا ۾ خشوع و خضوع پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ❖ دعا جي ظاهري ۽ باطني آدابن جو لحاظ ڪندس ❖ دعا جو آغاز حمدِ الهي ۽ درود شريف کان ڪندس. ❖ آخر ۾ آيتِ درود پڙهي ڪري درود شريف پڙهندس. ❖ اشعار پڙهڻ وقت اخلاص تي نظر رکندس.[1] ❖ دعا کي ختم هنن آيتن تي ڪندس:

سُبۡحٰنَ رَبِّکَ رَبِّ الۡعِزَّۃِ عَمَّا یَصِفُوۡنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَی الۡمُرۡسَلِیۡنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۸۲﴾

(پ 23، الصّٰفّٰت، آيت 180 — 181 - 182)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعا جي آداب کي پيش نظر رکو

دعا جي اهميت ۽ فضيلت جي پيشِ نظر ان جي آدابن جي معلومات ڪرڻ ۽ انهن جو دعا جي دوران خيال رکڻ ضروري آهي، اسان ڏسون

[1] امير اهلسنت، جانشين امير اهلسنت ۽ نگران ۽ اراڪين شوري کان علاوه ڪنهن بہ مبلغ کي دعا ۾ طرز سان اشعار پڙهڻ جي تنظيمي طور تي اجازت ناهي.

ٿا تہ انسان کي دنياوي بادشاہ يا کنهن بہ عهديدار وغيره کان کو غرض يا حاجت هوندي آهي تہ انتهائي ادب و احترام ۽ توجهہ سان ان کي پنهنجي درخواست پيش ڪندو آهي، جو تہ ان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن لاپرواهي ۽ غفلت کان ڪم ورتو ويو تہ ڪم نہ بڻجندو، غور تہ ڪيو جڏهن دنياوي بادشاهن ۽ انهن جي درٻارُن ۾ عهديدارن وٽ وڃڻ جو اهو عالم آهي تہ الله پاڪ جيڪو بادشاهن جو بہ بادشاہ آهي، ان جي بارگاہ ۾ پنهنجون حاجتون پيش ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر اهتمام هجڻ گهرجي. اهو هر عقلمند سمجهي سگهي ٿو، ان ڪري جڏهن بہ دعا ڪيو تہ انتهائي توجهہ سان دعا جا آداب ادا ڪندي دعا گهرو.

## دعا ۾ لفظن جو انتخاب

دعا جي دوران بهترين لفظن جي چونڊ ٻانهي کي ڪنهن مصيبت ۽ پريشاني کان نجات ڏياري سگهي ٿي ۽ غير محتاط لفظ انسان کي آزمائش ۾ بہ مبتلا ڪري سگهن ٿا جنهن کي هن واقعي مان بہ سمجهي سگهجي ٿو.

بني اسرائيل ۾ بَسُوس نالي هڪ شخص هو، ان کي حڪم ٿيو تہ تنهنجون 3 دعائون قبول ٿينديون. ان پنهنجي زال جي لاءِ بني اسرائيل جي سڀ کان خوبصورت عورت ٿي وڃڻ جي دعا ڪئي، ان جي زال بني اسرائيل جي خوبصورت ترين عورت بڻجي وئي پر خوبصورتي جي غرور عورت کي مڙس جو نافرمان بڻائي ڇڏيو، تنگ اچي بَسوس ان کي ڀونڪڻ واري ڪتي ٿي وڃڻ جي بد دعا ڏني اها بہ فوراً قبول ٿي اها ڪتي ٿي وئي. بَسُوس جي پٽن ماءُ جي اها حالت ڏسي پيءُ سان سفارش ڪئي تہ ان دعا ڪئي. الهي! ان کي پهريان واري شڪل و صورت عطا ڪر. اها دعا بہ قبول ٿي ۽ ان کي پهريان جهڙي صورت

عطا ڪئي وئي. ائين بسوس لفظن جو غلط استعمال ڪندي قبوليت واريون ٿي دعائون ضائع ڪري ڇڏيون.[1]

علماءِ ڪرامن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى دعا جا ڪجهه آداب بيان فرمايا آهن.
❖ با طهارت هجي. ❖ قبلي جي جانب رخ هجي. ❖ مڪمل توجهه سان دعا ڪري. ❖ دعا جي اول ۽ آخر درود شريف پڙهي. ❖ هٿن کي آسمان جي طرف کڻي ۽ پنهنجي دعا ۾ مسلمانن کي بہ شامل ڪري.
❖ قبوليت دعا جون گهڙيون مثلا جمعي جي ڏينهن خطبي جي وقت،[2] بارش ٿيندي، افطار جي وقت، رات جي ٽئين پهر ۾ ۽ ختم قرآن جي مجلس وغيره جو لحاظ ڪري. (روح المعاني، پ. 8، ج. 8، ص. 527)

## دعا ۾ هٿ کڻڻ جو طريقو

حضرت علامہ اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: افضل هي آهي تہ دعا ۾ ٻنهي هٿن کي کولي ۽ انهن جي وچ ۾ فاصلو رکي ڀلي ٿورو هجي، هڪ هٿ کي ٻي تي نہ چاڙهي. (روح البيان، پ. 8، ج. 3، ص. 178)

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة دعا شروع ڪرائڻ کان پهريان هٿ کڻڻ جا آداب هن طرح بيان فرمائيندا آهن دعا جي آداب مان آهي تہ جڏهن بہ دعا گهرو تہ نِگاهہ هيٺ رکو نہ تہ نظر ڪمزور ٿيڻ جو انديشو آهي. دعا جي لاءِ ٻئي هٿ اهڙي طرح کڻو جو سيني جي سڌِائي ۾ رهن... ڪلهن جي سڌائي ۾ ..... چهري جي سڌائي ۾

---

[1] تفسير بغوي، ج. 2، ص. 180

[2] افضل هي آهي تہ ٻنهين خطبن جي درميان بغير هٿ کڻي بغير زبان هلائي دل ۾ دعا ڪيو.

(نماز جا احڪام، ص. 412 مڪتبة المدينہ باب المدينہ)

يا ايترا بلند ٿي وڃن جو بغلن جي سفيدي نظر اچي ... چئني صورتن ۾ ترپون آسمان جي طرف قليل رکو جو دعا جو قبلو آسمان آهي.
(فضائل دعا، ص. 67 - 75)

## ڪهڙين ڳالهين جي دعا ڪرڻ منع آهي؟

منا منا اسلامي ڀائرو! دعا ڪرڻ واري کي اهو بہ علم هجڻ گهرجي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ مان ڇا گهرڻو آهي ۽ ڪهڙي طرح گهرڻو آهي؟ اڪثر دفعا ناجائز ۽ ممنوع شين جي دعا ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن دعا تہ جائز شين جي متعلق هوندي آهي پر لفظ اهڙا استعمال ڪيا ويندا آهن جيڪي الله پاڪ جي شان جي لائق ناهن هوندا، ۽ ڪڏهن وري عافيت گهرڻ جي بجاءِ آفت گهري ويندي آهي، جئين تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ دعا گهرڻ واري شخص کي هي چوندي ٻڌو، الهي! مان توکان صبر تو گهران. فرمايائون! تون آفت گهري رهيو آهين، الله عَزَّوَجَلَّ کان عافيت گهر. (ترمذي، ج. 5، پ. 312، حديث 3538)

هن حديث پاڪ جي تحت مشهور مفسر، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، معلوم ٿيو تہ دعا جا لفظ بہ سٺا هجن ۽ نيت بہ اعليٰ، اتي لفظ سان گڏ نيت بہ ڏٺي ويندي آهي.
(مرآۃ المناجيح، ج. 4، ص. 40)

## آزمائش نہ گهرو

حضرت سيدنا امام محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ بيماري ۾ هيئن دعا ڪئي. يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن تنهنجي رضا انهيءَ ۾ آهي تہ ان بيماري ۾ اضافو ڪري ڇڏ. هي دعا ٻڌي سندس جي استاد حضرت امام مسلم بن خالد زنجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو. اي محمد! رکجي وڃ، الله پاڪ کان صحت جو سوال ڪر، مان ۽ تون آزمائش (برداشت ڪرڻ) وارن ماڻهن مان ناهيون. (تنبيہ المغترين، ص. 45)

جن ڳالهين جي دعا ڪرڻ منع آهي، اُن جي متعلق دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي ڪتاب فضائلِ دعا مان ڪجهہ مدني گل پيشِ خدمت آهن.

1. دعا ۾ حد کان نہ وڌي جيئن نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ ۽ ٻنهي جهانن جون سڀ ڀلائيون ۽ سڀ جون سڀ خوبيون گهرڻ بہ منع آهن جو ان خوبين ۾ نبين عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي نٿا ملي سگهن. ان ڪري اهو نہ ٿا چئي سگهون تہ ٻنهي جهانن جون سڀ ڀلائيون عطا فرماءِ. ها اها دعا ڪري سگهون ٿا تہ اسان کي دين ۽ دنيا جون ڀلائيون عطا فرماءِ.

2. جيڪو محال (يعني نا ممڪن) قريب بہ محال هجي ان جي دعا نہ گهري ، لهٰذا هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيت گهرڻ، جو ماڻهو ڪڏهن بہ ڪهڙي طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي، اها محالِ عادي جي دعا گهرڻ آهي، ان ڪري اهو نٿا چئي سگهون تہ ڪو مسلمان ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿئي، ها اها دعا ڪري سگهجي ٿي تہ اسان جي بيمارن کي صحتمند ڪر. ايئن ئي وڏي قد واري ماڻهو جي ننڍي قد ٿيڻ جي يا ننڍي اک واري جي وڏي اک جي دعا ڪرڻ ممنوع آهي جو اها اهڙي امر جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چڪو آهي (يعني ان جو فيصلو ٿي چڪو آهي ان ڪري هاڻي ان تي صبر ڪري دعا نہ ڪري).

3. گناه جي دعا نہ ڪري تہ مون کي پرايو مال ملي وڃي جو گناه جو طلب ڪرڻ بہ گناه آهي.

4. قطع رحم (يعني مائٽن کان تعلق ٽوڙڻ) جي دعا نہ ڪري مثلا هيئن نہ چوي، فلان ۽ فلان جي وچ ۾ لڙائي ٿي وڃي.

5. الله عَزَّوَجَلَّ کان صرف حقير شيءِ نہ گهري ڇو جو پروردگار غني آهي. مثلا دنيا حقير و ذليل آهي، ضرورت کان وڌيڪ ان جي طلب ناپسنديده آهي، ان ڪري دعا ۾ صرف مال ۽ دولت جي ڪثرت طلب ڪرڻ ۽ آخرت جي بهتري جو بلڪل بہ سوال نہ ڪرڻ، حقير شيءِ گهرڻ آهي، جنهن جي ممانعت آهي.

6. پريشاني ۽ مصيبت کان گهبرائجي پنهنجي مرڻ جي دعا نہ ڪري، جو مسلمان جي زندگي ان جي حق ۾ غنيمت آهي، ها هيئن دعا ڪري سگهجي ٿي تہ خدايا! مون کي زنده رک جيستائين زندگي مون جي حق ۾ بهتر آهي ۽ مون کي وفات ڏي، جنهن وقت موت منهنجي حق ۾ بهتر هجي ان ڪري اها دعا نہ ٿا ڪري سگهون تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ! هاڻي تہ مصيبتن ۽ تڪليفن ڇيلهہ ڀڃي ڇڏي، صبر جو پيمانو بہ جواب ڏئي ويو، ان ڪري مولا! هاڻي موت ڏئي ان تڪليفن کان ڇوٽڪارو ڏئي ڇڏ.

7. شرعي اجازت کان بغير ڪنهن جي مرڻ ۽ خرابي (بربادي) جي دعا نہ ڪري، ها جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين يا ظن غالب هجي ۽ ان جي زنده رهڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، تباهہ ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ مفيد هجي تہ اهڙي شخص جي لاءِ بد دعا ڪرڻ درست آهي.

8. ڪنهن مسلمان کي هي بد دعا نہ ڏي تہ تون ڪافر ٿي وڃين، جو ڪجهہ عالمن جي نزديڪ اهڙي دعا ڪرڻ ڪفر آهي ۽ تحقيق هي

آهي تہ جيڪڏهن ڪفر کي سٺو يا اسلام کي برو سمجهي ڪري چوي تہ بيشڪ ڪفر آهي نہ تہ وڏو گناهہ آهي جو مسلمانن جي بد خواهي (برو چاهڻ) حرام آهي. خصوصًا هيءَ بدخواهي (تہ فلان جو ايمان برباد ٿي وڃي) تہ سڀ بدخواهن مان بدتر آهي.

9. ڪنهن بہ مسلمان تي لعنت نہ ڪري ۽ ان کي مردود ۽ ملعون (لعنت ڪيل) نہ چوي، ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان جو بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪري. ايئن ئي مڇر، هوا، جمادات (بي جان شيون يعني پٿر، لوهہ وغيره) ۽ حيوانات تي لعنت ممنوع آهي. البتہ وڇون وغيره ڪجهہ جانورن تي حديث پاڪ ۾ لعنت آئي آهي.

10. ڪنهن مسلمان کي هي دعا نہ ڏي تہ توتي خدا جو غضب نازل ٿئي ۽ تون باهہ يا دوزخ ۾ داخل ٿين، جو حديث شريف ۾ ان جي ممانعت آئي آهي.

11. جيڪو ڪافر مري ويو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ حرام ۽ ڪفر آهي.

12. هي دعا ڪرڻ، خدايا! سڀني مسلمانن جا سڀ گناهہ معاف فرماءِ، جائز ناهي جو هن ۾ انهن حديثن جي تڪذيب (انڪار ڪرڻ) آهي جنهن ۾ ڪجهہ مسلمانن جو دوزخ ۾ وڃڻ آيو آهي، البت! هي دعا ڪرڻ "محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري امت جي مغفرت ٿئي يا تمام مسلمانن جي مغفرت ٿئي، جائز آهي." ٻنهي دعائن ۾ فرق هي آهي تہ پهرين دعا (سڀني مسلمانن جا سڀ گناهہ معاف فرماءِ) ڪان لازم اچي ٿو تہ ڪو بہ مسلمان هڪ گهڙي جي لاءِ بہ دوزخ ۾ نہ وڃي حالانڪ ڪجهہ مسلمانن جو پنهنجي گناهن جي سبب دوزخ ۾ وڃڻ طئي شده آهي ان ڪري انهن لفظن سان دعا نٿا ڪري

سگھون. جڏهن تہ ٻي دعا (تمام امتِ محمديہ جي مغفرت ٿئي يا تمام مسلمانن جي مغفرت ٿئي) ۾ اها برائي ناهي ڇو تہ ان ۾ فقط تمام مسمانن جي لاءِ مغفرت گهري وئي آهي ۽ اها تہ احاديث مبارڪہ مان ثابت آهي تہ جهنم ۾ وڃڻ وارن مسلمانن جي بہ آخرڪار مغفرت ڪئي ويندي ۽ انهن کي دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.

13. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي دوست احباب، اهل، اولاد ۽ مال جي لاءِ بددعا نہ ڪري، ڪهڙي خبر قبوليت جو وقت هجي ۽ بددعا جو اثر ظاهر ٿيڻ تي شرمندگي ٿي.

14. جيڪا شيءِ حاصل هجي ان جي دعا نہ ڪري مثلاً، مرد هيئن نہ چوي يا الله مون کي مرد ڪري ڇڏ (ان ڪري) جو هي مذاق آهي، البت! اهڙي دعا جنهن ۾ شريعت جي حڪم جي تعميل يا عاجزي ۽ بندگي جو اظهار يا پروردگار عَزَّوَجَلَّ يا مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا اهل دين جي طرف رغبت يا ڪفر ۽ ڪافر سان نفرت وغيره جا فائده نڪرندا هجن، اها جائز آهي پلي ان امر جو حصول يقيني هجي جيئن درود شريف پڙهڻ، (حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ مقام) وسيلي جي دعا گهرڻ (مسلمان هجڻ جي باوجود پنهنجي لاءِ) صراط مستقيم (يعني سڌي رستي) جي، الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن جي تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ. (فضائل دعا، ص. 172 — 215، مڪتبة المدينہ ڪراچي)

## الله تعالي کي ڪهڙن نالن سان پڪارڻ منع آهي؟

دعا گهرڻ واري کي اها بہ خبر هئڻ گهرجي تہ ڪهڙن نالن سان الله تعالي کي پڪاري سگهون ٿا ۽ ڪهڙن سان نہ، الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عاليشان آهي. ﴿وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآىٕهٖ ؕ﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ الله جي واسطي ئي آهن گهڻا سهڻا نالا پوءِ ان کي انهن سان پڪاريو ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي ان جي نالن ۾ حق کان نڪري وڃن ٿا.

الله تعالي جي نالن ۾ حق ۽ استقامت کان پري ٿيڻ گهڻن طريقن سان آهي. هڪ ته هي آهي ته ان جي نالن کي ڪجهه بگاڙي غيرن تي اطلاق ڪرڻ، جيئن مشرڪن اِلٰه جو لات ۽ عزيز جو عُزّيٰ ۽ منان جو منات ڪري پنهنجي بتن جا نالا رکيا هئا، هي نالن ۾ حق کان تجاوز ۽ ناجائز آهي. ٻيو هي ته الله جي لاءِ اهڙو نالو مقرر ڪيو وڃي جيڪو قرآن ۽ حديث ۾ نه آيو هجي اهو به جائز ناهي، جيئن الله تعالي کي سخي چوڻ. ٽيون هي ته حسن ادب جي رعايت نه ڪرڻ. چوٿون هي ته الله جي لاءِ اهڙو نالو مقرر ڪرڻ جنهن جي ڪا معني فاسد هجي اهو به تمام گهڻو سخت ناجائز آهي. جيئن لفظ رام (يعني هر چيز ۾ حلول ڪيل) ۽ پَرمَاتُما (هندن جي ٽن ديوتائن برهما وِشنُو ۽ شِو جو مشترڪ نالو) وغيره. **پنجون** هي ته اهڙن نالن جو اطلاق ڪرڻ جنهن جي معني خبر نه هجي ۽ اها خبر نه پوي ته اهو نالو جلال الاهي جي لائق آهي يا نه.

چو جو الله عَزَّوَجَلَّ جا اسماء تَوقِيفيہ (شريعت جي طرفان مقرر ڪيل) آهن.

(صراط الجنان، ج. 3، ص. 482 - 481)

مشهور مفسر، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جا نالا توقيفي آهن شريعت جيڪي ٻڌايا، انهن ئي نالن سان پڪاريو وڃي پنهنجي طرفان نالا نه ناهيا وڃن ڀلي انهن جو ترجمو نيڪ هجي، ان ڪري رب کي عالم چئي سگهون ٿا، عاقل نه ٿا چئي سگهون، ان کي جواد چونداسين سخي نه چونداسين، حڪيم چونداسين طبيب نه، خدا رب جو نالو ناهي بلڪ هڪ صفت يعني مالڪ جو ترجمو آهي، جيئن پروردگار، پالڻهار، بخشڻهار وغيره،

(مراٰة المناجيح، ج. 3، ص. 325) جن لفظن سان الله پاڪ کي نتا پڪاري سگهون، انهن مان چند ملاحظ ڪيو.

## اي حاضر! اي ناظر! نہ چئو

الله عَزَّوَجَلَّ کي حاضر ۽ ناظر چوڻ جي ممانعت آهي. فتاوي رضويہ ۾ آهي. الله عَزَّوَجَلَّ شهيد ۽ بصير آهي، ان کي حاضر ۽ ناظر نہ چوڻ گهرجي ايستائين جو ڪجهہ عالمن ان تي تڪفير جو خيال فرمايو ۽ اڪابرن کي ان جي نفي ڪرڻ جي حاجت پيش آئي. مجموعہ علامہ ابن وهبان ۾ آهي: ”يَا حَاضِرُ يَانَاظِرُ لَيْسَ بِكُفْرٍ“ اي حاضر اي ناظر چوڻ ڪفر نہ آهي جيڪو ايئن ڪري تہ خطا ڪري ٿو، بچڻ گهرجي.

(فتوٰي رضويہ، ج. 14، ص. 689 - 688)

ان ڪري اسان کي حاضر و ناظر چوڻ جي بجاءِ سميع ۽ بصير چوڻ گهرجي.

## هن طرح جي جملن کان لازمي بچو

اي مٿان وارا! اسان جي فرياد ٻڌي وٺ! دعا ۾ ۽ دعا کان علاوه بہ الله عزوجل جي لاءِ اهي ڪلمات چوڻ جي اجازت ناهي.

اهڙي طرح دعا ۾ ائين چوڻ کان بہ بچو، اي آسمان کان ڏسڻ وارا! اسان جي فرياد ٻڌي وٺ! البت! هي چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي اي اسان جي دلين تي نظر رکڻ وارا! اسان جي فرياد ٻڌ!.

دعا ۾ هٿ آسمان جي طرف ڪنيا ويندا آهن جو دعا جو قبلو آسمان آهي ان ڪري هٿ مٿي ڪندي وقت اهڙا لفظ چوڻ حرام آهن، اي عرش تي رهڻ وارا! اسان تنهنجي طرف هٿ ڪٽي چڙيا آهن البت! هيئن چوڻ ۾ بہ حرج ناهي اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تنهنجي بارگاهہ ۾ هٿ ڪٽي چڙيا آهن.

متي منع ڪيل جملن مان الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ سَمت جو ثبوت ٿئي ٿو ۽ ان جي ذات جِهت کان پاڪ آهي. حضرت سيدنا سعدالدين تفتازاني رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا. الله مڪان ۾ هجڻ کان پاڪ آهي ۽ جڏهن هو مڪان ۾ هجڻ کان پاڪ آهي ته جهت ۾ هجڻ کان به پاڪ آهي. اهڙي طرح هيٺ متي هجڻ کان به پاڪ آهي. (شرح العقائد، ص. 131) حضرت علامہ ابن نُجَيم مصري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه نقل فرمائن ٿا، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کي هيٺ يا متي قرار ڏي ته ان تي حڪم ڪفر لڳايو ويندو. (بحر الرائق، ج. 5، ص. 203) پر جيڪڏهن ڪو شخص هي جملو بلندي ۽ برتري جي معني ۾ استعمال ڪري ته چوڻ واري تي حڪم ڪفر نہ لڳائيندا سين پر ان قول کي برو ئي چوندا سين ۽ چوڻ واري کي ان کان روڪيندا سين.
(فتوٰي فيض الرسول، ج. 1، ص. 3)

صَدرُالشَّرِيعہ بَدرُالطَّرِيقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا. الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مڪان ثابت ڪرڻ ڪفر آهي جو الله مڪان کان پاڪ آهي، هي چوڻ ته متي الله آهي هيٺ تون اهو ڪلمو ڪفر آهي. (بهارِ شريعت، ج. 2، ص. 462)

## تو کي تنهنجي سرڪار جو واسطو! نہ چئو

دعا ۾ لفظن جو تڪرار مڪمل احتياط سان ڪيو چو جو معمولي غلطي به تمام خطرناڪ ثي سگهي ٿي. مثلا اي لله پاڪ تو کي تنهنجي محبوب جو واسطو! تو کي تنهنجي حبيب جو واسطو! تو کي تنهنجي نبي جو واسطو! تو کي اسان جي سرڪار جو واسطو! تو کي اسان جي آقا جو واسطو! اسان جي بخشش فرماءِ... هاڻي جيڪڏهن هتي بي خيالي ٿي ۽ زبان جي تيزي جي ڪري جلدي ۾ هي لفظ به نڪري سگهن ٿا. اي الله پاڪ تو کي تنهنجي سرڪار جو واسطو! تو کي تنهنجي آقا جو واسطو! ائين ئي هي لفظ به زبان تي اچي سگهن ٿا. اي الله! پنهنجي

آقا جو جنت ۾پاڙو عطا فرماءِ. وغيره ان کري احتياط کندي ان سيني لفظن کان بچڻ ضروري آهي.

## تون بخشڻ تي اچين ته مشرڪ به بخشجي وڃي! نه چئو

دعا ۾ الله پاڪ جي وسيع رحمت جو ذڪر کندي بي خيالي ۾ هن طرح جا لفظ به نڪري سگهن ٿا، اي الله تون غفار آهين تون رحمٰن آهين تون رحيم آهين، مولا تون بخشڻ تي اچين ته ڪافر ۽ مشرڪ کي به بخشي ڇڏين، مولا اسان ته مسلمان آهيون، تنهنجي محبوب جا امتي آهيون، مولا اسان جا گناه بخشي ڇڏ، انهن لفظن ۾ هي چوڻ ته ”الله تعالي بخشڻ تي اچي ته ڪافر ۽ مشرڪ کي به بخشي ڇڏي“ ڪلمو ڪفر آهي. (ايمان جي حفاظت، ص. 73) (الله تعالٰي ان جو فيصلو فرمائي ڇڏيو آهي ته جيڪو ڪفر جي حالت تي مري ويو ان جي بخشش نه فرمائيندو). جيئن ته سيپاري 5 سورت النساء جي آيت نمبر48 ۾ ارشاد آهي: اِنَّ اللّٰهَ لَا یَغْفِرُ اَنْ یُّشْرَكَ بِهٖ وَ یَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ یَّشَآءُ ۚ (يعني بيشڪ الله ان کي ناهي بخشيندو جو ان سان ڪفر ڪيو وڃي ۽ ڪفر کان هيٺ جيڪو ڪجهه آهي جنهن کي چاهي معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.)

## اي سخي! سخاوت ڪر! نه چئو

الله پاڪ جي لاءِ سخي جو لفظ استعمال ڪرڻ جي بدران جواد جو لفظ استعمال ڪيو، مشهور مفسر، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا. عرب جي محاوري ۾ عام طور ”**سخي**“ ان کي چوندا آهن جيڪو پاڻ به کائي ۽ ٻين کي به کارائي.

”**جوّاد**“ اهو جيڪو پاڻ نه کائي ٻين کي کارائي، ان کري الله تعالٰي کي ”**سخي**“ ناهي چيو ويندو، سيپاري7 سورة الانعام جي آيت نمبر 14

۾ الله پاڪ جو فرمان عاليشان آهي: وَ هُوَ يُطْعِمُ وَ لَا يُطْعَمُ ؕ (۽ هو کارائيندو آهي ۽ کائڻ کان پاڪ آهي.)

## تون اسان کي وساري نہ ڇڏجان! نہ چئو

ڪڏهن ڪڏهن! دعا ڪرڻ وارو جذبات ۾ اچي اهڙا لفظ چئي ڇڏيندو آهي تہ ”يا الله! اسان تو کي وساري ڇڏيو پر تون اسان کي نہ وساري ڇڏجان“ هي جملو ڪفريہ آهي ان ڪري جو الله پاڪ وسارڻ کان پاڪ آهي هر اها ڳالھ جنهن ۾ وسارڻ جي نسبت الله پاڪ ڏانهن ڪئي وڃي خالص ڪفر آهي. سيپاري 16 سورت طٰہٰ آيت نمبر 52 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَا يَضِلُّ رَبِّيْ وَ لَا يَنْسَى ﴿۵۲﴾ منهنجو رب نہ ئي ڀٽڪي ۽ نہ وساري.

## پنهنجي فارغ وقت ۾ اسان جي دعا ٻڌ! نہ چئو

الله پاڪ فراغت ۽ مصروفيت کان پاڪ آهي ان ڪري دعا ۾ اهڙا لفظ استعمال نہ ڪرڻ فرض آهي، جنهن سان ان جي لاءِ هي وصف نڪرندو هجي. مثال طور هي چوڻ اي الله! اسان صبح صبح يا رات جي آخري پهر ۾ تو کان دعا گهرون ٿا ”جيڪو تنهنجي بہ فراغت جو وقت هوندو“ ان ڪري اسان جي تمام حاجتن تي نظر فرماءِ. ڪجھ بي سمجھ ٻين کي بہ صبح صبح جو دعا ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي هن طرح جا جملا چئي ڇڏيندا آهن ”صبح صبح دعا گهرندا ڪريو الله ان وقت فارغ هوندو آهي.“ هي ڪفريہ جملو آهي. مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”**ايمان جي حفاظت**“ جي صفحي 31 تي آهي، هي چوڻ تہ صبح صبح دعا گهري وننڊا ڪريو، هن وقت الله فارغ هوندو آهي ڪفر آهي.

## مون تي تنگدستي وجهي ظلم نہ ڪر! نہ چئو

الله پاڪ جي طرف ظلم جي نسبت ڪرڻ، ان کي ظالم چوڻ ڪفر آهي، ان ڪري دعا ۾ هيئن چوڻ ”اي الله مون کي رزق ڏي ۽ مون تي

تنگدستي وجهي ظلم نہ ڪر” ڪفر آهي. (ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، ص 133) الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: إِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ ۚ الله ذري برابر بہ ظلم ناهي فرمائيندو.

## اي الله ميان! نہ چئو

الله پاڪ جي لاءِ ”ميان“ جو لفظ چوڻ ممنوع آهي. الله پاڪ، الله تعاليٰ، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ وغيره چوڻ گهرجي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا الله تعاليٰ جي لاءِ ميان جو لفظ نہ چوڻ گهرجي ان ڪري جو هي ٽي معني رکي ٿو جنهن مان بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محال آهن. ميان جا ٽي معني هي آهن آقا، مڙس ۽، مرد ۽ عورت جي وچ ۾ زنا جو دلال، ان ڪري الله کي ميان چوڻ منع آهي. (فتوٰي رضويہ، ج. 14، ص. 614)

## تلفظ ۽ اعراب جي درستي

دعا ۾ تلفظ ۽ اعراب جي درستي جو خاص خيال رکو بلخصوص قرآني دعائن، آيتِ دُرود، ۽ اختتام دعا جي آيتن ۾ تجويد جي قواعد جو خاص خيال رکيو وڃي. قرآني دعائون ڪنهن قاري يا عالم کي ٻڌائي چيڪ ڪرائي ونو.

## دعا ۾ خلاف شرع شعرن کان بچو

اگر دعا ۾ شعر پڙهڻ چاهيو تہ مستند عالمن جا ئي اشعار پڙهو، ان ڪري جو غير محتاط ۽ جاهل شاعرن جا ڪجهہ شعر خلاف شرع بلڪ ڪفريات بہ هوندا آهن .

## سوچي سمجهي گهرو:

حضرت سيِّدُنا مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڏينهن هڪ اهڙي لاش جي پرسان گذريا جنهن جي پيٽ کي جانورن ڦاڙي ان جو گوشت کائي ڇڏيو هو.

حضرت سيِّدُنا مُوسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کي سجاڳي الله جي بارگاه ۾ عرض ڪيو. اي منهنجا ربّ هي ته تنهنجو اطاعت گذار هو، ته هي مان ڇا ڏسي رهيو آهيان؟ الله تعاليٰ حضرت مُوسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف وحي موڪلي. اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! هن مون کان اهڙي مرتبي جي دعا ڪئي جنهن تائين هي پنهنجي عملن سبب ته نه پهچي سگهيو، مان هن کي ان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ته جيئن ان درجي تائين پهچي وڃي. (تنبيہ المغترين، ومن اخلاقهم ڪثرة الصبر علي البلايا والنوازل، ص 173)

## دعا ۾ غير محتاط جملن جون 18 مثالون

دعا ۾ غير محتاط جملن کان پرهيز ڪريو. دعا ۾ غير محتاط جملن جون 18 مثالون درست جملن سان گڏ ملاحظو ڪيو.

| غير محتاط جملا | محتاط جملا |
|---|---|
| اي الله پاڪ! جيترا مسلمان تنهنجي بارگاه ۾ آيا آهن انهن جي فرياد ٻڌ! | اي الله پاڪ! جيترا مسلمان تنهنجي بارگاه ۾ حاضر آهن، انهن سيني جي فرياد ٻڌ! |
| اي الله! جيڪڏهن قبر ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نه ٿي ته اسان برباد ٿي وينداسين. | اي الله! جيڪڏهن قبر ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي وقت اسان کي سڃاڻپ نصيب نه ٿي ته اسان برباد ٿي وينداسين! اي الله! اسان کي سڃاڻپ نصيب فرماءِ. |
| اي 70 مائن کان وڌيڪ ممتا رکڻ وارا! | اي ماءُ کان وڌيڪ محبت ڪرڻ وارا! |
| اسان ٻڌي رکيو آهي ته دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۽ اجتماعن ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن. | اسان جو حسنِ ظن آهي ته عاشقان رسول جي مدني قافلن ۾ يا سنتن ڀري اجتماعن ۾ گهريون ويندڙ دعائون قبول ٿينديون آهن. |

| | |
|---|---|
| قبر جي دٻائڻ کان بچاءِ | اي الله! قبر جو دٻائڻ حق آهي، اسان جي قبر اسان کي ائين دٻائي جيئن ماءُ پنهنجي ٻچي کي سيني سان لڳائي دٻائيندي آهي. اسان جي قبر اسان کي ائين نہ دٻائي جو اسان جا عضوا ٽٽي ڪري هڪ ٻئي ۾ ملي وڃن. |
| اي الله! امير اهلسنت ۽ مشائخ اهلسنت جو سايو اسان جي مٿان قائم ۽ دائم فرما. | اي الله امير اهلسنت ۽ مشائخ اهلسنت جو سايو اسان جي مٿان دراز فرماءِ. |
| تو کي تنهنجي رحمت جو صدقو | تو کي تنهنجي رحمت جو واسطو . |

| | |
|---|---|
| سڪرات جي حالت کان بچائجانءِ | سڪرات جي تڪليفن کان بچاءِ . |
| اي الله پاڪ! جيڪڏهن تو بہ اسان کي ڇڏي ڏنو تہ اسان ڪاڏي ويندا سين؟ | اي الله پاڪ! جيڪڏهن تو اسان تي نظر رحمت نہ فرمائي تہ اسان ڪاڏي ويندا سين |
| اي الله پاڪ! اسان کي پنهنجي قدمن کان پري نہ ڪجان | اي الله پاڪ! اسان کي پنهنجي رحمت کان محروم نہ فرماءِ. (ياد رهي! الله تعالي هٿن پيرن کان پاڪ آهي) |
| اي الله پاڪ! تو کي تہ هن بيمارن، قرضدارن، ڪمزورن تي ترس اچڻ گهرجي (هن جملي ۾ شڪايت جو معني آهي جيڪو ڪفر آهي.) | اي الله! هنن بيمارن، مجبورن، قرضدارن ۽ ڪمزورن تي رحمت جي نظر فرماءِ |
| اي الله! تمام مسلمانن جي بلاحساب مغفرت فرماءِ | اي الله! تمام مسلمانن جي مغفرت فرماءِ |
| اي الله! اسان جي تمام خواهشن کي پورو فرماءِ | اي الله! اسان جي نيڪ ۽ جائز خواهشات تي رحمت جي نظر فرماءِ |
| اي الله! بيمارن کي شفاءِ ڪاملہ ۽ دائمہ عطا فرماءِ | اي الله! بيمارن کي شفاءِ ڪاملہ عاجلہ عطا فرماءِ |

| | |
|---|---|
| اي الله! اسان کي مصيبتن تي صبر عطا فرماءِ | اي الله! اسان کي مصيبتن کان محفوظ فرماءِ ۽ عافيت عطا فرماءِ |
| اي الله! اسان کي هميشه جي لاءِ تندرستي عطا فرماءِ | اي الله! اسان کي خير ۽ عافيت واري زندگي عطا فرماءِ |
| اي الله! اسان کي ٻنهي جهانن جون سڀ ڀلائيون عطا فرماءِ | اي الله! اسان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون عطا فرماءِ |
| اي الله! اسان کي ننڍي وڏي سڀ بيمارين کان محفوظ فرماءِ | اي الله! اسان کي موذي مرضن کان محفوظ فرماءِ |

حصول برڪت جي لاءِ امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جون مختلف موقعن تي گهريون ويندڙ چند دعائون ملاحظ فرمايو.

## امير اهلسنت جون دعائون (مختصر ۽ ترميم شده)

### صحرائ مدينه (مدينة الاولياء ملتان شريف) جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

يا ربّ مُصطَفٰي، يا ربّ الأنبِياءِ، يا ربّ صحابه، يا ربّ تابعين، يا ربّ اولياءِ، اي اسان جي امام اعظم جا ربّ، اي اسان جي امام شافعي جا ربّ، اي اسان جي امام مالڪ جا ربّ، اي اسان جي امام احمد بن حنبل جا ربّ ، اي اسان جي غوثِ اعظَم جا مالڪ، اي اسان جي غريب نوّاز کي نوازڻ وارا، اي اسان جي داتا هجويري جا مولا، اي اسان جي بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جا ربّ العالمين اي اسان جي شاه رڪن عالم جا ربّ لَمۡ يَزَلۡ، اي اولياءِ ڪرام جا پروردگار، اي اسان گنهگارن کي بخشڻ وارا، اي مريضن کي شفاء ڏيڻ وارا، اي ٻڌڻ وارن کي ڪيڻ وارا مولا...! اي ڪِرڻ وارن کي سنڀالڻ وارا، اي سڄي ڪائنات کي پالڻ وارا، اي اسان ذليلن جي مٿي تي عزت جو تاج رکڻ وارا مولا...!

تنهنجا گنهگار، سياهه ڪار ٻانها تنهنجي بارگاه ۾ رحمت جي خيرات وٺڻ جي لاءِ گناهن سان ڀريل هٿ ڦهلائي ڇڏيا آهن... اي مولا! اسان اعتراف ڪريون ٿا تہ اسان گناهن سان زمين کي ڀري ڇڏيو آهي ... اي الله! اسان جي اعمال نامي جي ڪاراڻ رات جي اونداهي کان شرمائي رهي آهي... اي مولا! نامہ اعمال ۾ ڀري ڀري تائين ڪا نيڪي نظر نٿي اچي... نماز ادا ڪري بہ ورتي تہ ظاهري باطني آدابن کان بلڪل خالي هوندي آهي... اي مولا! روزو رکيو بہ تہ پوري ڏينهن ۾ گناهن کان ڪنارو ڪو نہ ڪيو... جيڪڏهن تنهنجي واٽ ۾ خرچ ڪيو بہ تہ اي الله! اخلاص جي ڀري ڀري تائين خبر ناهي... پر مولائي ڪريم!تون اسان جي دلين جا راز ڄاڻين ٿو، اسان جو تو کان اهو حسن ظن آهي تہ تون اسان جي ضرور بخشش فرمائيندي... اي الله سچي عمر تنهنجا محبوب تو کان اسان جي مغفرت جو سوال ڪندا رهيا... معراج جي سعادت حاصل ٿي تہ تڏهن بہ اسان کي نہ وساريائون... پنهنجي قبر مبارڪ ۾ بہ اسان کي ياد فرمائي رهيا آهن. (ڪنزالعمال، ج. 7، ص. 178، حديث 39108) ۽ محشر ۾ بہ محبوب اسان کي ياد رکندا... ڪڏهن تہ پل صراط جي پرسان سجدي ۾ ڪِري ”رَبِّ سَلِّمْ اُمَّتِی - رَبِّ سَلِّمْ اُمَّتِی“ (مسلم، ڪتاب الايمان، ص. 107، حديث 482) يعني مولا! منهنجي امّت کي سلامتي سان گذار“ جون دعائون ڪري رهيا هوندا... ڪڏهن ميزانِ عمل تي تشريف کڻي ايندا ۽ پنهنجي ڪرم سان اسان گنهگارن جي نيڪين جي هلڪن پلڙن کي وزني ڪري رهيا هوندا... حوض ڪوثر تي پنهنجي گنهگار امتن کي جام ڀري ڀري پيارينڊا هوندا... اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي محبوب جي اها ئي خواهش آهي تہ اسان تڪليف ۾ نہ پئون. اسان جو مشقت ۾ پوڻ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڏشوار آهي، اي الله! محبوب جي خاطر اسان جي مغفرت فرماءِ. اي ربَّ العَالمِين! اسان تي جهنّم جي باهه ٺڌي ڪري ڇڏ.

خدائے غفار بخش دے اب، لاجِ محبوب رکھ ہی لے اب

ہمارا غم خوار فکرِ امت میں دیکھ آنسو بہا رہا ہے

يا اِلٰہَ العَالمِين! اسان جي ڪمزوري تو تي واضح آهي، اي الله! گرم موسم ۾ اُس اسان کان برداشت نہ ٿي ٿئي تہ مولا ڪريم! جهنّم جي باھ ڪيئن برداشت ٿيندي... اي الله! جيڪڏهن ايئر ڪنڊيشن روم ۾ نرم نرم گدي تي بہ ڪو مڇر چڪ هڻي تہ اسان بي چين ٿي ويندا آهيون تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ! اونداهي قبر ۾ وِڇون جو ڏنگ ڪيئن برداشت ڪنداسين.

ڈنک مچھر کا بھی مجھ سے تو سہا جاتا نہیں

قبر میں بچھو کے ڈنک کیسے سہوں گا یارب

گر تو ناراض ہوا تو میری ہلاکت ہوگی

ہائے میں نارِ جہنم میں جلوں گا یارب

عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا

گر کرم ہوگا تو جنت میں رہوں گا یارب

گر تیرے پیارے کا جلوہ نہ رہا پیشِ نظر

سختیاں نزع کی کیوں کر میں سہوں گا یارب

نزع کے وقت مجھے جلوہ محبوب دکھا

تیرا کیا جائے گا میں شاد مروں گا یارب

اي ربّ بي نياز! تنهنجا عاجز ٻانها تنهنجي بارگاه ۾ پنهنجي عاجزي ۽ نيازمندي جو اعتراف ڪن ٿا. اي الله! تنهنجي اڳيان ڪير چا ٿو لڪائي سگهي... يا الله! تون تہ دلين جا راز بہ ڄاڻين ٿو... اي مولاءِ ڪريم! اسان تہ جرم ڪري بہ تسليم ڪيون ٿا، دنيا جو طريقو آهي تہ

جرم قبول ڪرڻ واري کي سزا بڏائي ويندي آهي پر تنهنجي رحمت جو دستور (طريقو) نرالو آهي، جيڪو تنهنجي بارگاهه ۾ گناهن جو اعتراف ڪري شرمسار ٿئي ته ان تي تنهنجي رحمت جوش ۾ اچي ويندي آهي.... اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي محبوب هي به تنهنجو ارشاد اسان تائين پهچايو آهي ته تنهنجو فرمان آ: "سَبَقَتْ رَحْمَتِيْ غَضَبِيْ" يعني منهنجي رحمت منهنجي غضب تي غالب آهي." (مسلم، ص. 1129، حديث 6970) ته اي الله! اسان اعتراف ڪريون ٿا ته اسان ڪم ته تنهنجي قهر ۽ غضب کي ڀڙڪائڻ وارا ڪيا آهن پر تنهنجي رحمت تنهنجي غضب تي حاوي آهي... اي مولا! تو کان تنهنجي قهر ۽ غضب کان پناهه گهرون ٿا. اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان محفوظ ڪري ڇڏ. اسان تي پنهنجي رحمت جي چادر ويڙهي ڇڏ. محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل اسانجي، اسان جي پيُ ماءُ جي ۽ سيني مسلمانن جي مغفرت فرماءِ.

سَبَقَتْ رَحْمَتِيْ غَضَبِيْ ۔۔۔ تو نے جب سے سنا دیا یارب
آسرا ہم گناہ گاروں کا ۔۔۔ اور مضبوط ہو گیا یا رب

يا اِلٰهَ العَالمِين! اسان ڪفر کان نفرت ڪريون ٿا... اي مولا! اسان کي اسلام سان محبت آهي... اسان دنيا جي سڄي دولت ڇڏي سگهون ٿا، اسان سڀ ڪجهه ڏئي سگهون ٿا، پنهنجي جان به ڏئي سگهون ٿا، تنهنجو قسم اسان ڪنهن کي ايمان نٿا ڏئي سگهون... اي الله! اسان جي ان جذبي کي مضبوط ڪري ڇڏ ۽ اسان جو ايمان سلامت رک... مولا! محبوب جي جلون ۾ مدينه منوره ۾ شهادت نصيب فرماءِ... جنّت البقيع اسان جو مدفن بڻاءِ... اي الله! اسان جي قبر کي محبوب جي جلون سان آباد فرمائجان. اِلٰهَ العَالمِين! محشر ۾ به محبوب جي دامنِ ڪرم ۾ جڳهه نصيب ڪجان.. محبوب جي شفاعت نصيب ڪجان پل

صراط تي آساني عطا ڪجان... اي الله! جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بغير حساب ۽ ڪتاب پاڙو عطا ڪجان.

هر وقت جہاں سے کہ انہیں دیکھ سکوں میں
جنت میں مجھے ایسی جگہ پیارے خدا دے

مولا! تون بي نياز آهين، تو کي اسان جي عبادت جي بلڪل حاجت ناهي پر مولا اسان کي تنهنجي عبادت جي حاجت آهي. اسان ٻانها آهيون، بندگي ڪرڻ چاهيون ٿا، يا الله! اسان جو دل نمازن ۾ لڳاءِ، اِلٰہَ العَالمِين! اسان کي ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي، گار، بدگماني، بدڪلامي، بد اخلاقي، بد نگاهي ۽ هر طرح جي گناهن کان محفوظ فرماءِ.. گناهن جون عادتون نڪري وڃن... اي ربّ ڪريم! تنهنجي بارگاه ۾ هڪ خاص سوال آهي... اي الله! اسان جي خالي جهولين ۾ عشقِ رسول جي خيرات عطا فرماءِ.

يا اِلٰہَ العَالمِين! هتي تنهنجي ٻانهن دعا جي لاءِ هٿ کنيا آهن، انهن ۾ ڪو ويچارو روزگار جي ڪري پريشان هوندو، اي الله! سيني کي رزقِ حلال ڪشادگي سان گڏ عطا فرماءِ... قناعت جي دولت سان مالا مال ڪري ڇڏ. اِلٰہَ العَالمِين! معلوم ناهي ڪيترا ويچارا قرضدار آيا هوندا جن جي جان قاتل هوندي، ننڊون ڦٽيل هونديون، اي الله! انهن کي قرضدار پريشان ڪري رهيا هوندا، ان ويچارن جي حالِ زار تي رحم ڪندي قرض جي ادائيگي جو غيب کان بندوبست فرماءِ... مولا ڪريم! معلوم ناهي ڪيترا مريض ۽ انهن جا نمائندا آيا هوندا... اي الله! وڏي اميد ڪٽي آيا هوندا... يا الله! تنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو انهن بيمارن کي شفاء عطا فرماءِ... اي مولا! ان مريضن کي هتان

ڪلندو اٿار... سڀن جون بيمارين، تنگدستين، بي روزگارين، قرضدارين، بي اولادين، مقدمہ بازين ۽ گهريلو ناچاقين دور فرماءِ.

يا اِلٰہَ العَالمِين! دعوت اسلامي کي ڏينهن ٻارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرماءِ. اسان جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي تمام رڪنن ، نگران بين مجلسن جي رڪنن ۽ نگران تمام مبلغين، معلمين، مدّرسين، محبين ۽ تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي مسائل کي حل فرمائي ڇڏ. اِلٰہَ العَالمِين اسان سڀني کي دين و دنيا جي برڪتن سان مالا مال ڪري ڇڏ.

ڪہتے رہتے ہیں دعا کے واسطے بندے تیرے
کر دے پوری آرزو ہر بے کس و مجبور کی

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## صحراءِ مدينہ (باب المدينہ ڪراچي)
## جي دعا جي ابتداء

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾﴾ (پ. 2، البقره، 201) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَ انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۵۰﴾﴾ (پ. 2، البقره، 250) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ اِسْرَافَنَا فِيْٓ اَمْرِنَا وَ ثَبِّتْ

اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾ (پ. 4، أل عمران، 147) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ٚ وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ (پ. 8، الاعراف، 23) اَللّٰهُمَّ ﴿رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ (پ. 15، بني اسرائيل، 24) اَللّٰهُمَّ ﴿فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۟ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰۱﴾ (پ. 13، يوسف، 101) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ ٭ۖ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾ (پ 13، ابراهيم، 40 - 41) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾ (پ. 19، فرقان، 74) اَللّٰهُمَّ ﴿رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَ لَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰﴾ (پ. 28، الحشر، 10) اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَ شُكْرِكَ وَ حُسْنِ عِبَادَتِكَ (ابو داؤد، ج. 2، ص. 123، حديث 1522) يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰى دِيْنِكَ (ترمذي، ج. 4، ص. 55، حديث 2147) اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ قَلْبٍ لَا يَخْشَعُ وَمِنْ دُعَاءٍ لَا يُسْمَعُ وَمِنْ عِلْمٍ لَا يَنْفَعُ اَعُوْذُبِكَ مِنْ هٰؤُلَاءِ الْاَرْبَعِ۔ (ترمذي، ج. 69، ص. 293، حديث 3493)

يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن۔۔! يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن۔۔۔! يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن۔۔۔! يَا رَبَّنَا۔۔۔! يَارَبَّنَا۔۔۔! يَارَبَّنَا۔۔! يَارَبَّنَا۔۔۔! يَارَبَّنَا۔۔۔! يَااللّٰهُ۔۔۔! يَارَحْمٰنُ۔۔۔! يَارَحِيْمُ۔۔۔!

اي مريضن کي شفاء ڏيڻ وارا...! اي اسان گنهگارن جي عيبن کي لڪائڻ وارا...! اي پريشان حال جون پريشانيون حل ڪرڻ وارا مولا!...! اي اسان ذليلن جي مٿي تي عزت جو تاج رکڻ وارا مولا...! تنهنجا بدڪار ٻانها حاضر آهن...!

ڪر کے توبہ پھر گناہ کرتا ہے جو میں وہی عطار ہوں کر دو کرم

اي الله عَزَّوَجَلَّ! گناهن سان پريل نامهءِ اعمال کڻي حاضر آهيون... هٿ ۾ گناهن سان ڪارا، منهن ۾ گناهن سان ڪارو تي ويو آهي... مولا!دل ۾

ڪارو ٿي ويو آهي... هڪ هڪ وار گناهن سان ڀريل آهي... مولا! اسان جي دل جي سختي وڌندي ٿي وڃي... اي مولا ڪريم! اسان جو حال ڏاڍو برو آهي.

آہ ! ہر لحہ گنہ کی کثرت و بھر مار ہے
غلبہ شیطان ہے اور نفسِ بد اطوار ہے
مجرموں کے واسطے دوزخ بھی شعلہ بار ہے
ہر گنہ قصداً کیا ہے اس کا بھی اقرار ہے
چھپ کے لوگوں سے گناہوں کا رہا ہے سلسلہ
تیرے آگے یاخدا! ہر جرم کا اظہار ہے

## دعاءِ شب براءت جي ابتداء

بے وفا دنیا پہ مت کر اعتبار
تو اچانک موت کا ہو گا شکار
موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ
جان جا کر ہی رہی یاد رکھ
گر جہاں میں سو برس تو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے
قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار
یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہوگی مجھ میں سن وحشت بڑی
میرے اندر تو اکیلا آئے گا
ہاں! مگر اعمال لیتا آئے گا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
کام مال و زر نہیں کچھ آئے گا
غافل انساں! یاد رکھ پچھتائے گا
قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا
یاد رکھ! نازک بدن پھٹ جائے گا
سانپ بچھو قبر میں گر آگئے
کیا کرے گا بے عمل گر چھا گئے
گورِ نیکاں باغ ہوگی خلد کا
مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شب براءت ڇوٽڪاري واري رات آهي... بيمارين کان ڇوٽڪاري جي رات آهي... تنگدستين کان ڇوٽڪاري جي

رات آهي...نزع جي سختين کان ڇوٽڪاري جي رات آهي...قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي رات آهي... قيامت جي هولناڪين کان ڇوٽڪاري جي رات آهي... دوزخ جي تباهہ ڪارين کان ڇوٽڪاري جي رات آهي... گناهن جي بيماري کان ڇوٽڪاري جي رات آهي... رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ جڏهن شعبان جي پندرهين رات اچي تہ هن رات ۾ قيام ڪيو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو جو الله سج لهڻ کان پوءِ آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو آهي ۽ اعلان فرمائيندو آهي تہ ڇا آهي ڪو بخشش جو طلبگار! جو مان ان کي بخشي ڇڏيان؟ آهي ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو! جو مان ان کي روزي ڏيان؟ آهي ڪو مصيبت وارو جنهن کي مان مصيبت کان آزادي ڏيان؟ آهي ڪو اهڙو؟ آهي ڪو اهڙو! هن قسم جون نِدائون ٿينديون رهنديون آهن ايتري قدر جو طلوعِ فجر ٿي ويندي آهي. (ابن ماجہ، ج. 2، ص. 160، حديث 1388) اهڙي طرح اڄ جي رات الله تعاليٰ جي رحمت ندا ڏيندي آهي... رب جي رحمت تہ اسان جي طرف مائل آهي پر افسوس! اسانکي گهرڻ جو ڍنگ ڪو نہ ٿو اچي.. اي پنهنجي آخرت جي خير جا طلبگار اسلامي ڀائرو! ٻاڏائي ڪري ٿي سگهي تہ روئي روئي ڪري الله جي رحمت گهري وٺو... هائو هائو! اڄ اها رات آهي جنهن ۾ رحمت جا 300 دروازا کلي ويندا آهن. (نزهۃالمجالس، ج. 1، ص. 210) اچو! الله تعالي جي رحمت حاصل ڪرڻ لاءِ ملي ڪري دعا ڪريون ٿا.

## دعاءِ شب قدر جي ابتداء

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪجهہ ڏينهن ڀهريان ئي جي ڳالهہ آهي تہ هر هڪ جي زبان تي هي ڳالهہ هئي تہ عنقريب رمضان شريف جي آمد ٿيڻ واري آهي ۽ پوءِ واقعي پنهنجن جلون ۾ رحمتون ۽ برڪتون ڪٺي رمضان مبارڪ جو چنڊ آسمانِ دنيا تي ظاهر ٿي ويو... هر طرف

خوشي جي هوا هلي پئي، هر مسلمان خوش ٿي ويو، مسجدن ۾ بهارون اچي ويون، افطار جون محفلون سجايون وڃڻ لڳيون، هر طرف رونقون ئي رونقون ٿي ويون. نمازن جي تعداد وڌي وئي، هي خوشي جا ڏينهن وڏي جلدي ۽ تيزي سان گذرندا هليا ويا ۽ افسوس! هاڻي ستاويهن جي رات اچي پهتي... هن وقت رمضان جا صرف ٽي يا چار ڏينهن رهجي ويا. تہ جيڪي رمضان جا قدردان هئا، اچڻ تي خوش ٿي ويا، هاڻي جيئن جيئن رمضان جي رخصت جي گهڙي قريب اچي رهي آهي رمضان جي عاشقن جا دل بہ غمگين ٿيندا پيا وڃن... غم جا بادل انهن تي ڦهلجندا ٽا وڃن، غمِ رمضان وارن ۽ رمضان جي فرقت جي دل فگارن جي ترجماني ڪندي ڪنهن الوداع چئي آهي، اشڪ بار ٿي ڪري هن الوداع کي دل جي ڪنن سان ٻڌو ۽ پنهنجي اندر افسوس جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ ڏيو...

آہ! کیا ماہِ مبارک ہم سے ہوتا ہے جدا
آہ! کیسا منبعِ برکات دنیا سے چلا

آہ! جب اس میں نہیں ہم سے ہوئی طاعت ادا
پھر وداع اس کو نہ کیوں رو روکریں ایسابجا

الوداع الوداع اے ماہِ غفراں! الوداع
حسرتا وا حسرتا اے ماہِ رمضاں الوداع

اَلْوَدَاع اَلْوَدَاع يَا شَهْرَ رَمَضَان---اَلْفِراق اَلْفِراق يا شَهْرَ غُفران---الوداع الوداع يَا شَهْرَ تراويح--- اَلْفِراق اَلْفِراق يا شَهْرَ تراويح---الوداع الوداع شَهْرَ رَمَضَان--- اَلْفِراق اَلْفِراق يا شَهْرَ رَمَضَان---- اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اي ربِّ مُصطفٰي! تون پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي رَمَضان جو مهينو عطا فرمايو، جنهن جي هر گهڙي رحمت ڀري آهي... هڪ هڪ لمحو نيڪين جو پيغام. رحمتن جو وسڪارو... جنّت جا سڀ دروازا کلي ويا... دوزخ تي تالا پئجي ويا... شيطان بہ قيد ڪيو ويو... خوب

خوب برڪتون ۽ رحمتون نازل ٿيون... افسوس! اسان غافل ماڻهو پوءِ بہ ماهہ رمضان جي رحمتن مان حصو نہ وٺي سگهياسين... افسوس! ماهہ رمضان جي قدر نہ ڪري سگهياسين... نيڪن جو اجر ۽ ثواب گهڻو وڌايو ويو پر هاءِ افسوس! نيڪيون نہ ڪري سگهياسين آخر ستاويهن جي رات بہ اچي وئي... ظاهر سنو رهيو باطن اهو ئي ميرو ڪچيلو، ڪارو رهيو. اي پروردگار! جبريل امين دعا گهري تہ جنهن کي رمضان (جو مهينو) نصيب ٿئي پر پنهنجي مغفرت نہ ڪرائي سگهي تہ ان جو نڪ مٽي ۾ ملي وڃي اهو شخص برباد ٿي وڃي رحمت للعالمين هجڻ باوجود اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آمين جي مهر لڳائي ڇڏي. (كنزالعمال، ج 4، ص 270، حديث 2429) پوءِ يقينًا جيڪو رمضٰان جو مهينو نصيب ٿيڻ جي باوجود مغفرت ۽ بخشش کان محروم رهي سو هلاڪ ۽ برباد ٿيو. اي مالڪ! اسان پهنجي مغفرت ڪرائڻ جو ڪو سامان نہ ڪيو اي پروردگار! جيڪڏهن اسان جي مغفرت نہ ٿي تہ اسان برباد ٿي ويندا سين، اي مالڪ ڪريم! اي رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پروردگار! توکي تنهنجي رحمت واري محبوب جو واسطو اسان جي مغفرت ڪري ڇڏ... اي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ اسان عشرهءِ رحمت غفلت ۾ گذاريو، عشرهءِ مغفرت بہ وڃي چڪو هاڻي جهنّم کان آزادي جو عشرو بہ موڪلاڻي تي آهي اي اللّٰه! اسان ڪمزورن تي رحم ڪر. اي اللّٰه! تو کي تنهنجي محبوب جي پاڪيزه لڙڪن جو صدقو اسان تي جهنّم جي باهہ ٺڏي ڪري ڇڏ.

## عرفات جي ميدان جي دعا جي ابتداء

میں مکے میں پھر آ گیا یا الٰہی
کرم کا ترے شکریہ یا الٰہی

نہ کر رد کوئی التجا یا الٰہی
ہو مقبول ہر اک دعا یا الٰہی

رہے ذکر آٹھوں پَہر میرے لب پر ترا یا الٰہی ترا یا الٰہی
مری زندگی بس تری بندگی میں ہی اے کاش گزرے سدا یا الٰہی
نہ ہوں اشک برباد دنیا کے غم میں محمد کے غم میں رُلا یا الٰہی
عطا کر دے اخلاص کی مجھ کو نعمت نہ نزدیک آئے ریا یا الٰہی
مجھے اولیا کی محبت عطا کر تو دیوانہ کر غوث کا یا الٰہی
میں یادِ نبی میں رہوں گم ہمیشہ مجھے ان کے غم میں گھلا یا الٰہی
مرے بال بچوں پہ سارے قبیلے پہ رحمت ہو تیری سدا یا الٰہی
دے عطاریوں بلکہ سب سنیوں کو مدینے کا غم یا خدا یا الٰہی
خدایا! اجل آ کے سر پر کھڑی ہے دکھا جلوہ مصطفٰے یا الٰہی
مری لاش سے سانپ بچھو نہ لپٹیں کرم از طفیل رضا یا الٰہی
تو عطار کو سبز گنبد کے سائے میں کر دے شہادت عطا یا الٰہی

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن---! يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن---! يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْن---! يَا رَبَّنَا---! يَارَبَّنَا---! يَارَبَّنَا---! يَارَبَّنَا---! يَارَبَّنَا---! يَارَبَّنَا---!

اي ربِّ مُصطفٰي، اي اِبراهيم ۽ اسمَاعيل عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا ربّ! تنهنجي سچي خليل حضرت سيِّدُنا اِبراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام اسان کي حج جي دعوت ڏني ۽ اي الله! اسان لبّيڪ چيو، ۽ اڄ تنهنجي خليل جي دعوت تي تنهنجا مهمان بڻجي ڪري عرفات جي ميدان ۾ جمع ٿي ويا آهيون، اي مالڪ و مولا! دنيا ۾ هي اصول آهي ته ميزبان پنهنجي مهمان جي دل جوئي ڪندو آهي ته اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تنهنجا مهمان آهيون. اِلٰہَ العَالَمِين! اسان کي محروم نه فرماءِ. يا الله! يا الله! اڄ جهڙي طرح

اسان ميدان عرفات ۾ تنهنجا مهمان آهيون اهڙي طرح جنّت ۾ بہ مهمان بڻاءِ جان.

لَبَّيْکَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْک لَبَّيْکَ لَا شَرِيْکَ لَکَ لَبَّيْک اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَکَ وَالْمُلْکَ لَاشَرِيْکَ لَکَ۔۔۔ لَبَّيْکَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْک لَبَّيْکَ لَا شَرِيْکَ لَکَ لَبَّيْک اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَکَ وَالْمُلْکَ لَاشَرِيْکَ لَکَ۔۔۔ لَبَّيْکَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْک لَبَّيْکَ لَا شَرِيْکَ لَکَ لَبَّيْک اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَکَ وَالْمُلْکَ لَاشَرِيْکَ لَکَ۔۔۔

## اِجتماع مِيلاد ۾ گهريل دُعا جي اِبتداء

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُه۔۔۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة۔۔۔ اَللّٰهُمَّ مَا اَصْبَحَ بِيْ مِنْ نِّعْمَةٍ، اَوْ بِاَحَدٍ مِّنْ خَلْقِكَ، فَمِنْكَ وَحْدَكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ، فَلَكَ الْحَمْدُ، وَلَكَ الشُّكْرُ۔۔۔ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ۔۔۔ اَللّٰهُمَّ بَلِّغْنَا رَمَضَانَ بِالصِّحَّةِ وَالْعَافِيَة۔۔۔

يا ربّ مصطفي! بطفيل مُصطَفٰي! تنهنجي محبوب جي محبت ۾ جشن ولادت ملائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جمع آهن، مولا عَزَّوَجَلَّ! سين جي حاضري قبول فرماءِ... مولا! اسان گناهگار آهيون، بدڪار آهيون پر مولا! تو سان محبت ڪريون ٿا، تنهنجي محبوب جي سنّتن تي عمل نہ ٿو ٿئي پر تنهنجي محبوب سان محبت ضرور ڪندا آهيون، مولا! جيڪڏهن تون صرف نيڪن ڪي ئي نوازيندي تہ اسان گنهگار ڪنهن جي دروازي تي وينداسين، مولا جشن ولادت جو صدقو مخلصين جو واسطو، اسان جي مغفرت فرماءِ. حقيقي عاشقانِ رسول جو واسطو!

اسان کوڙن کي قبول فرماءِ. يا الله! اسان کي بري خاتمي کان خوف ٿئي ٿو، اسان جو خاتمو بالخير ٿئي... مولا! اسان نيڪ ٿيڻ چاهيون ٿا پر نفس ۽ شيطان نيڪ بڻجڻ نه ٿا ڏين، مولا! جشن ولادت جو صدقو اسان کي نيڪ متّقي ۽ پرهيزگار بڻاءِ... دشمن جي ميري نظر عالمِ اسلام تي لڳل آهي، مولا! عالمِ اسلام ۾ اتحاد ۽ اتّفاق عطا فرماءِ... مسلمانن کي نيڪ ۽ هڪ بڻاءِ .

## يارهين شريف جي اجتماع ۾گهريل دعا جي اِبتداء

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

يا الله! تنهنجي ڪرم سان اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر تنهنجي مقبول ٻانهي، تنهنجي ولي ۽ اسان جي غوث پاڪ سيِّد شيخ عبدُالقادر جِيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي يارهين شريف نصيب ٿي... غوث پاڪ جي ايصال ثواب جي لاءِ جيڪا ڪجهه ٿوري گهڻي عبادت ٿي سگهي مخلصين جي صدقي قبول فرماءِ. اي الله عَزَّوَجَلَّ! مرشدي غوث اعظم جي صدقي ۾ اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. نزع جي وقت تنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو به جلوؤ هجي... خلفاءِ راشدين جو به جلوؤ هجي... صحابهِ ڪرام جي به زيارت هجي... اسان جي غوث اعظم جو به جلوؤ هجي... اعلي حضرت جو به جلوؤ هجي... سيِّدِي قُطبِ مدينه به هجن... اولياء جي جماعت به هجي... اي ڪاش! انهن جي جلون ۾ اسان جي روح قبض ٿئي. مني مديني ۾ شهادت جي سعادت نصيب ٿئي... جنّت البقيع اسان جو مدفن ٿئي... جنّت الفردوس ۾ تنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿئي.

# مفتيءِ دعوت اسلامي جي نمازِجنازه کان پوءِ جي دعا جي ابتداء

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ياربِّ مُصطفٰي! اسان سيني جي گناهن کي معاف فرماءِ. يا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان سيني جي مغفرت فرماءِ... پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امّت جي مغفرت فرماءِ... اي الله عَزَّوَجَلَّ! مرحوم مفتي فاروق جي مغفرت فرماءِ... يا الله عَزَّوَجَلَّ! عنقريب قبر جي اڪيلائي ۾ ان کي اڪيلو ڇڏيو ويندو... اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي حاجي فاروق جي قبر تي رحمت ۽ رضوان جي بارش فرماءِ... يا الله عَزَّوَجَلَّ! قبر جي وحشت ۽ تنگي کي دور فرماءِ...انهن کي قبر ۾ امن نصيب فرماءِ... يا الله عَزَّوَجَلَّ! قبر مجرمن کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جو پاسراتيون ٽٽي ڪري هڪ ٻئي ۾ ملي وينديون آهن پر تنهنجي نيڪ ٻانهن کي ائين دٻائيندي آهي جيئن ماءُ پنهنجي وڇڙيل ٻار کي سيني سان چمٽائيندي آهي. (بهار شريعت، ج. 1، ص. 105) اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تو کان رحمت جي درخواست ڪيون ٿا ته اسان جي فاروق ڀاءَ کي قبر اهڙي طرح دٻائي جيئن ماءُ پنهنجي وڇڙيل ٻچي کي شفقت سان پنهنجي محبت ڀري هنج ۾ لڪائيندي آهي اي مولا عَزَّوَجَلَّ! مرحوم جي قبر کي تاحدِ نظر وسيع فرماءِ.. اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي فاروق تي ڪا ئي تڪليف نه اچي. اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي فاروق جا سڀ گناه معاف فرماءِ. اي الله منهنجي فاروق کي قبر ۾ ڪڏهن وحشت نه ٿئي... گهٻراهٽ نه ٿئي، تنگي نه ٿئي. اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي فاروق کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ گم ڪري ڇڏجا يا الله عَزَّوَجَلَّ! پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي روشن چهري جو واسطو منهنجي فاروق جي قبر کي روشن ڪري ڇڏ. اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي فاروق کي بخشي ڇڏ. تو کي تنهنجي حبيب جو واسطو مرسلين جو واسطو صحابہ جو واسطو تابعين جو واسطو، سيد الشهدا امام حسين جو واسطو! سيّدُنا عبّاس علمدار جو واسطو... علي اڪبر، علي اصغر جو واسطو... ڪربلا جي هر شهيد و اسير جو واسطو... منهنجي فاروق جي قبر کي جنّت جو باغ بڻائي ڇڏ.... اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي عالمِ دين هئا، انهن تنهنجي دين جي جيڪا خدمت ڪئي ان کي قبول ڪر. اي مولا! هي ويچارا جواني ۾ اسان کان رخصت ٿي ويا... اي رحمت وارا مولا! تنهنجي رحمت جي حوالي... اي الله! تنهنجي رحمت جي حوالي ... اي الله! تنهنجي رحمت جي حوالي .. مولا عَزَّوَجَلَّ! منهنجي غوث پاڪ جو واسطو! منهنجي فاروق تي ڪرم ڪر... منهنجي اعلي حضرت امام احمد رضا خان جو واسطو!... منهنجي پير و مرشد سيّدي قطب مدينہ جو واسطو... منهنجي فاروق تي ڪرم ڪر! انهن کي رحمت جي سائي ۾ جڳهه عطا ڪر... انهن جي قبر تي رحمت جو ڪڪر ٻينو هجي... اي الله انهن جي فيوض و برڪات قيامت تائين جاري رهي... اي الله عَزَّوَجَلَّ! سيني کي ايمان جي سلامتي عطا ڪر... اسان سيني کي مدينہ منوره ۾ گنبد خضراء جي هينان محبوب جي جلون ۾ شهادت نصيب ڪر... جنّت البقيع ۾ مدفن جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ! اِلٰہَ العَالمِين! منهنجي فاروق کي بہ محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا ڪر. يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهن جي گهر وارن کي، انهن جي دوستن کي ۽ دعوت اسلامي جي مجلس شوريٰ کي صبرِ جميل عطا ڪر. ۽ ان تي اجر عطا فرماءِ... اِلٰہَ العَالمِين! انهن جي گهر وارن کي شڪايتن کان بچاءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# مدني مذاڪري جي اختتام تي گهري ويندڙ دعا

يا ربّ مُصطَفٰي! اج جي مدني مذاڪري ۾ هاڻي تائين جون مون وٽ موجود نيڪن ۾ حاضرين ۾ ناظرين جي طرفان مون ڪي ايصال ڪيل نيڪن جو ثواب تنهنجي بارگاه ۾ پيش ڪريان ٿو قبول فرماءِ... يا رب ڪريم! هي ثواب اسان جي پڙهڻ مطابق نہ بلڪ پنهنجي رحمت جي شان مطابق عطا فرمائي ڪري اسان جي طرفان پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عنايت فرماءِ. رحمت العالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان پڻ هنن هنن کي بہ پهچاءِ...

تمام اَنبِيَاءِ و مُرسَلِين... خُلَفَاءِ رَاشِدِين... اُمَّهَاتُ المُومِنِين... تمام صحابہ ۾ تابِعِين ۾ تبعِ تابِعِين... اَئِمہ مُجتَهِدِين... عُلماءِ ڪامِلِين... مَشائِخِ عَامِلِين... مُفَسِرِين... مُحَدِّثِين.... تمام بُزرگَانِ دِين... تمام مُؤمِنَات و مُؤمِنِين مُسلِمَات و مُسلِمِين... بالخصوص هنن کي هي ثواب پهچي...

والدين مُصطَفٰي... حَسنِينِ ڪرِيمِين... شَهِيدان و اَسِيرانِ ڪربَلا... تمام اَهلِ بِيتِ اَطهَار... امَامِ اَعظَم... غُوثِ اَعظَم... امَامِ غزَالِي... غَرِيب نوازِ... اعلٰي حَضرَت... صدرِ شرِيعَت.... قُطبِ مَدِينہ.... صدرُ الافَاضِل... مُفتِي اَحمَد يَار خَان.... مفتيءِ دعوتِ اِسلامِي... حاجي مشتاق... حاجي زم زم... تمام مُبَلّغَات و مُبَلِغِين مَرحومِين... ۾ مدني انعامات جون عمل ڪرڻ واريون ۾ وارا.

يا الله! اسان سيني جي گناهن کي معاف فرماءِ... مولا! اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ... ياالله! عمر ختم ٿيڻ واري آهي. پر افسوس! گناهن جي عادت جان نٿي ڇڏي. مولا! اهڙو ڪرم ڪري ڇڏ جو گناهن جي عادت ئي نڪري وڃي، مولا! اهڙو ڪرم ڪر جو نيڪن جي عادت پئجي وڃي، يا الله جڏهن تنهنجي بارگاه ۾ حاضري ٿئي تہ اسان جي ذمي ۾ ڪو گناه نہ هجي... اي الله! يقينًا اسان ۾ عذاب سهڻ جي

طاقت ڪونهي. مولا! ڪرم ڪجان ۽ اسان جي قبر کي نانگ ۽ وِڇون جي اچڻ کان بچاءِ جان... مولا! اسان جي قبر تنهنجي محبوب جي نور سان جڳمڳائيندي رهي... اِلٰہَ العَالمِين! جن جن اسلامي ڀائرن دعا جي لاءِ چيو انهن جي جائز مرادن تي پنهنجي رحمت جي نظر فرماءِ.

کہتے رہتے ہیں دعا کے واسطے بندے ترے
کر دے پوری آرزو ہر بے کس و مجبور کی

## چاليهہ قرآني دعائو

| | |
|---|---|
| 1 | رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ (۱۲۷) |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کان قبول فرماءِ، بيشڪ تون ئي ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهين. |
| 2 | رَبَّنَا وَ اجْعَلْنَا مُسْلِمَیْنِ لَكَ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِنَاۤ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ۪ وَ اَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَ تُبْ عَلَیْنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ (۱۲۸) |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! ۽ اسان کي پنهنجو فرمانبردار رک ۽ اسان جي اولاد مان هڪ اهڙي امت بڻاءِ جيڪا تنهنجي تابعدار هجي ۽ اسان کي اسان جي عبادت جا طريقا ڏيکار ۽ اسان تي پنهنجي رحمت سان رجوع فرماءِ بيشڪ تون ئي وڏيڪ توبہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهين. |
| 3 | رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ ۖۗ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ (۴۰) |
| ترجمو | اي منهنجا ربّ مون کي ۽ منهنجي ڪجهه اولاد کي نماز قائم ڪندڙ رک اي منهنجا ربّ ۽ منهنجي دعا قبول فرماءِ. |
| 4 | رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَاۤ اِنْ نَّسِیْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! جيڪڏهن اسان وساريون يا خطا ڪيون تہ اسان جي پڪڙ نہ فرماءِ. |

| | |
|---|---|
| 5 | رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۥ وَاغْفِرْ لَنَا ۥ وَارْحَمْنَا ۥ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۸۶﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! ۽ اسان تي اهو بار نہ وجهہ جنهن جي اسان کي طاقت ناهي ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسان تي مهرباني فرماءِ، تون اسان جو مالڪ آهين پوءِ ڪافر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ. |
| 6 | رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَ هَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۸﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان جي دلين کي ٽيڏو نہ ڪر ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا فرماءِ، بيشڪ تون وڏو عطا فرمائڻ وارو آهين. |
| 7 | رَبَّنَاۤ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿۹﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! بيشڪ تون سيني ماڻهن کي ان ڏينهن جمع ڪرڻ وارو آهين جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي، بيشڪ الله وعدي خلافي ناهي ڪندو. |
| 8 | رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا بِمَاۤ اَنْزَلْتَ وَ اتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۵۳﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان هن ڪتاب تي ايمان آندوسين جيڪو تو نازل فرمايو ۽ اسان رسول جي پيروي ڪئي پوءِ اسان کي گواهي ڏيڻ وارن مان لکي ڇڏ . |
| 9 | رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ اِسْرَافَنَا فِيْۤ اَمْرِنَا وَ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَ انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان جي گناهن کي ۽ اسان جي معاملي ۾ جيڪي |

| | |
|---|---|
| | اسان کان زيادتيون تيون انهن کي بخشي ڇڏ ۽ اسان کي ثابت قدم رک ۽ ڪافر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ. |
| 10 | رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۹۱﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! تو اهو سڀ بيڪار ناهي ناهيو. تون پاڪ آهين تون اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. |
| 11 | رَبَّنَاۤ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَیْتَهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِیْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿۱۹۲﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! بيشڪ تون جنهن کي دوزخ ۾ داخل ڪندين ان کي تو ضرور خوار ڪيو ۽ ظالمن جو ڪو مددگار ناهي. |
| 12 | رَبَّنَاۤ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِیًا یُّنَادِیْ لِلْاِیْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ۖۗ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! بيشڪ اسان هڪ ندا ڏيڻ واري کي ايمان جي ندا (هيئن) ڏيندي ٻڌو تہ پنهنجي رب تي ايمان آڻيو تہ اسان ايمان آندو |
| 13 | رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَیِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿۱۹۳﴾ۚ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! تون اسان جا گناهہ بخشي ڇڏ ۽ اسان کان اسان جون برايون مٽائي ڇڏ ۽ اسان کي نيڪ ماڻهن جي ٽولي ۾ موت عطا فرماءِ. |
| 14 | رَبَّنَا وَاٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰی رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِیْعَادَ ﴿۱۹۴﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! ۽ اسان کي اهو سڀ عطا فرماءِ جنهن جو تو پنهنجي رسولن جي ذريعي اسان سان واعدو فرمايو آهي ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن خوار نہ ڪجانءِ. بيشڪ تون واعدي جي خلاف ناهين ڪندو. |
| 15 | رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِیْنَ ﴿۸۳﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان ايمان آندو پوءِ تون اسان کي(حق وارن) گواهن سان گڏ لکي ڇڏ. |

| | |
|---|---|
| 16 | رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿۱۱۴﴾ |
| ترجمو | اي منهنجا ربّ منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ. |
| 17 | رَبَّنَا ظَلَمْنَاۤ اَنْفُسَنَا ٚ وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان پنهنجي جانين تي زيادتي ڪئي ۽ جيڪڏهن تو اسان جي مغفرت نہ فرمائي ۽ اسان تي رحم نہ ڪيو تہ ضرور اسان نقصان وارن مان ٿي وينداسين. |
| 18 | رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَ اَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿۸۹﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان ۾ ۽ اسان جي قوم ۾ حق سان گڏ فيصلو فرماءِ ۽ تون سڀني کان بهتر فيصلو فرمائڻ وارو آهين. |
| 19 | رَبَّنَاۤ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ تَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿۱۲۶﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان تي صبر انديل ۽ اسان کي اسلام جي حالت ۾ موت عطا ڪر. |
| 20 | رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۵﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کي ظالم ماڻهن جي لاءِ آزمائش نہ بڻاءِ. |
| 21 | رَبَّنَاۤ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَ مَا نُعْلِنُ ؕ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ تو ڄاڻين ٿو جيڪو اسان لڪايون ٿا ۽ جيڪو ظاهر ڪريو ٿا. |
| 22 | رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سمورن مسلمانن کي بخشي ڇڏ جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو. |

| | |
|---|---|
| 23 | رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّ هَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر ۽ اسان جي واسطي اسان جي معاملي ۾ هدايت جا سبب تيار ڪر. |
| 24 | رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَاۤ اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿۴۵﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ بيشڪ اسان هن ڳالهه کان ڊڄئون ٿا جو اهو اسان تي زيادتي ڪندو يا سرڪشي (مغروري) سان پيش ايندو. |
| 25 | رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَ ارْحَمْنَا وَ اَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ |
| ترجمو | اسان جا ربّ! اسان ايمان آندو تون اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون سيني کان بهتر رحم ڪندڙ آهين. |
| 26 | رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ﴿۶۵﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کان جهنم جو عذاب ڦيري ڇڏ، بيشڪ ان جو عذاب ڳچيءَ جو ڳٽ آهي. |
| 27 | رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اسان کي اکين جي ٺڌاڻ عطا ڪر ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ. |
| 28 | رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّ عِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَ قِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿۷﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! تنهنجي رحمت ۽ علم هر شيءِ کان وسيع آهي تون انهن کي بخشي ڇڏ جيڪي توبهه ڪن ۽ تنهنجي رستي جي پيروي ڪن ۽ انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. |
| 29 | رَبَّنَا وَ اَدْخِلْهُمْ جَنّٰتِ عَدْنِ ِۨ الَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! ۽ انهن کي باغن ۾ داخل فرماءِ جن جو تو انهن سان واعدو ڪيو آهي. |

| | |
|---|---|
| 30 | رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا وَلِاِخۡوَانِنَا الَّذِيۡنَ سَبَقُوۡنَا بِالۡاِيۡمَانِ وَلَا تَجۡعَلۡ فِيۡ قُلُوۡبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کي ۽ اسان جي هنن ڀائرن کي بخشي ڇڏ جن اسان کان پهريان ايمان آندو ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ کو ڪينو نہ رک. |
| 31 | رَبَّنَا عَلَيۡكَ تَوَكَّلۡنَا وَاِلَيۡكَ اَنَبۡنَا وَاِلَيۡكَ الۡمَصِيۡرُ ﴿۴﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان تو تي ئي ڀروسو ڪيو ۽ تنهنجي ئي طرف رجوع ڪيو ۽ تنهنجي ئي طرف ڦرڻو آهي. |
| 32 | رَبَّنَا لَا تَجۡعَلۡنَا فِتۡنَةً لِّلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَاغۡفِرۡ لَنَا |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ اسان کي ڪافرن جي لاءِ آزمائش نہ بڻاءِ ۽ اسان کي بخشي ڇڏ. |
| 33 | رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِي الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي آخرت ۾ (بہ) ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. |
| 34 | رَبَّنَا وَلَا تَحۡمِلۡ عَلَيۡنَاۤ اِصۡرًا كَمَا حَمَلۡتَهٗ عَلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِنَا ۚ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! ۽ اسان تي وزني بار نہ رک جهڙو تو اسان کان اڳين ماڻهن تي رکيو هو. |
| 35 | رَبَّنَاۤ اِنَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿ۚ۱۶﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسين ايمان آندو آهي، پوءِ تون اسان جا گناهہ معاف فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. |

| | |
|---|---|
| 36 | رَبِّ اَوْزِعْنِیْۤ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِیْۤ اَنْعَمْتَ عَلَیَّ وَ عَلٰى وَالِدَیَّ وَ اَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَ اَدْخِلْنِیْ بِرَحْمَتِكَ فِیْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِیْنَ ﴿۱۹﴾ |
| ترجمو | اي منهنجا ربّ! مون کي توفيق ڏي جو مان تنهنجي هن احسان جو شڪر ادا ڪريان جيڪو تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي فرمايو ۽ (مون کي توفيق ڏي) جو مان اهو نيڪ ڪم ڪريان جنهن تي تون راضي هجين ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجي انهن ٻانهن ۾ شامل ڪر جيڪي تنهنجي خاص قرب جي لائق آهن. |
| 37 | رَبِّ اشْرَحْ لِیْ صَدْرِیْ ﴿۲۵﴾ وَ یَسِّرْ لِیْۤ اَمْرِیْ ﴿۲۶﴾ وَ احْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِیْ ﴿۲۷﴾ یَفْقَهُوْا قَوْلِیْ ﴿۲۸﴾ |
| ترجمو | (موسىٰ) عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! منهنجي واسطي منهنجو سينو کولي ڇڏ (25) ۽ منهنجي واسطي منهنجو ڪم سولو ڪر (26) ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کول (27) ته جيئن اهي منهنجي ڳالهه سمجهن. |
| 38 | رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّیٰنِیْ صَغِیْرًا ﴿۲۴﴾ |
| ترجمو | اي منهنجا ربّ تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو. |
| 39 | رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۴۷﴾ |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان کي ظالمن سان گڏ نه ڪجان. |
| 40 | رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا |
| ترجمو | اي اسان جا ربّ! اسان جي لاءِ اسان جو نور پورو ڪر ۽ اسان کي بخشي ڇڏ. |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

